


# شانِ سیدتُنا عائشہ صِدّیقہ رضی اللہ عنہا

31-May 2018

ہفتہ وار سنتوں بھرے اجتماع میں ہونے والا

سنتوں بھرا بیان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شان سيدتنا عائشہ صديقہ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا **کان روايت آهي تہ نبي رَحمت،شفيعِ اُمَّت** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ شفاعت نشان آهي:** ”مَنْ صَلّٰى عَلَیَ يوْمَ الْجُمُعَةِ كَانَتْ شَفَاعَةٌ لَّه عِنْدِی يوْمَ الْقِيامَةِ“ **يعني جيڪو شخص جُمُعي جي ڏينهن مون تي دُرُود شريف پڙهندو تہ بروزِ قيامت ان جي شفاعت منهنجي ذِمَّہ ڪرم تي آهي.**
(كنز العمال،كتاب الاذكار،قسم الأقوال،الباب السادس في الصلاة ...الخ،الجزء الاول ، ١ /٢٥٥، حديث:٢٢٣٦)

اُن پر دُرود جن کو کس بے کساں کہیں اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خبر کی ہے

مختصر وضاحت: يعني اسان پنهنجي ان پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دورود موڪليون ٿا جيڪو هر بي سهاري جو سهارو ۽ آسرو آهن ۽ اسان پنهنجي ان مني مني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪليون ٿا جيڪو اسان غافلن جي خبر رکي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو تي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! أُذكُرُاللّٰه , تُوبُوا اِلَي اللّٰه! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رَمَضانُ المبارَڪ جو مهينو جاري ۽ ساري آهي. هن مبارَڪ مهيني جي سَترهن (17) تاريخ تي اُمُّ المؤمنين، زَوجہَ رسولِ ڪريم، حبيبہ حبيبِ خدا حضرت سَيدَہ عائشہ صِدِّيقہ، عالِمہ، مُفتِيہ، مُفَسِّرہ، مُحَدِّثہ، فَقِيهہ، عابِدہ، زاهدہ، طَيبہ، طاهرہ، عَفِيفہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہا جو يومِ وِصال آهي. اچو! انهيءَ مُناسَبَت سان اڄ اسان سندن شان ۽ عظمت، وصف ۽ ڪمال، گڏوگڏ سِيرتِ مبارڪ جي ڪجھ روشن پهلوئن جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪنداسين. پهريان سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہا جو مُختَصر تعارُف ٻڌون ٿا، جيئن

## اُمُّ المؤمنين سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ جو تَعارُف

حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہا اُمُّ الْمُؤمِنِين (يعني مومنن جي ماءُ) آهن، سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہا جو مبارڪ نالو، عائشہ، ڪُنيت اُمّ عبدُاللّٰہ، والِدہ جو نالو "اُمِّ رُومان" ۽ والد اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا ابوبَڪر صِدِّيق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہ آهن. (مدارج النبوت،قسم پنجم،باب دوم،ذکرازواج...الخ،۲/۴۶۸ملخصاً) 17 رَمَضانُ المبارَڪ 57 يا 58 هجري ۾ مدينہ منوَّرہ ۾ سندن وصالِ ظاهري ٿيو. حضرت سيدُنا ابوهرَيرہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہ سندن جنازي نماز پڙهائي ۽ سندن وصِيت موجب رات جو ماڻهن سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہا کي جنَّتُ البَقِيع ۾ بين اَزواجِ مُطَهرات رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو. (شرح الزرقاني،الفصل الثالث في ذکرازواجه الطاهرات... الخ، عائشه ام المؤمنين، ۳۹۲/۴)

اُس مبارَک ماں پہ صَدقہ کیوں نہ ہو سب اَہلِ دِین　　جو ہو اُمُّ الْمُؤمنین بِنْتِ اَمیرُ الْمُؤمنین
کیا مبارَک نام ہے کیسا پیارا ہے لقب　　عائشہ محبوبَہ محبوبِ رَبِّ العَالَمِیْن

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تمام اُمَّهاتُ المُؤمنين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ اَجۡمَعِین مقام ۽ مَرتبي ۽ بين خُصوصيتن ۾ بين عورَتن کان اعلي آهن،

سيئي اعليٰ دَرَجي جون وَليہ آهن، نهايت عُمده صِفتن کان آراستہ، عِلم ۽ عمل جون حقيقي آئينہ دار ۽ اُمّت جون مائرون آهن، پر هنن مبارَڪ هستين ۾ اُمُّ المُؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي ذاتِ مُقَدَّسہ جي حَيثِيت هڪ روشن سج جيان آهي. نگاهِ مُصطَفٰي جي بدولت پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا زماني جي عالِمہ، مُفتِيہ، مُحَدّثہ ۽ مُفَسّره مشهور ٿيون. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ اهي خوش قسمت خاتون آهن جن کيَ نبي اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وصالِ ظاهري جي وَقت بہ رسول اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صحبتِ بابَرَڪت مان فَيضياب ٿيڻ جو شَرَف حاصِل ٿيو، جيئن

## خُصُوصي رَفاقت ۽ قُربَتِ مُصطفٰي

اُمُّ المُؤمنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا (نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دُنيا جي آخري گهڙين جي ڪيفِيت بَيان ڪندي) فرمائَن ٿيون: (جڏهن مزاجِ رسول مَرَض جي شِدَّت سبب تڪليف مَحسُوس ڪري رهيا هئا (ان وَقت) مون وٽ منهنجا ڀاءُ حضرت عبدُالرَّحمٰن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه آيا، اُن جي هٿ ۾ مِسواڪ هئي. منهنجا سرتاج، صاحبِ مِعراج صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُن ڏانهن ڏسڻ لڳا. مون کي خبر هئي تہ پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مِسواڪ گهڻو پسند ڪندا آهن. مون عَرض ڪيو: ڇا اوهان جي لاءِ مِسواڪ وٺان؟ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مٿي مُبارَڪ سان هائو جو اِشارو ڪيو تہ مون حضرت عبدُالرَّحمٰن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه کان مِسواڪ ورتي، اها پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سَخت محسوس ٿي. مون عَرض ڪيو: ڇا مان هن کي نرم ڪيان؟ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مٿي جي اشاري سان فرمايائون: هائو. مون مسواڪ (ڇباڙي) نرم ڪئي. پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سامهون پاڻي (Water) جو هڪ پِيالو هو، پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ۾ هٿ مبارڪ داخل ڪندا هئا ۽ پنهنجي چهري اَنوَر تي مَس ڪندا ۽ فرمائيندا هئا: لَآ اِلٰه اِلَّا الله،اِنَّ لِلْمَوْتِ سَكَرَاتٍ يعني الله پاڪ جي علاوه ڪو معبود ناهي، بيشڪ مَوت جي لاءِ سختيون آهن. پوءِ پنهنجو دستِ اَقدَس بلند ڪري عَرض ڪرڻ

لڳا: فِي الرَّفِيقِ الْاَعْلٰى يعني رفيقِ اعليٰ ۾ (هتي رفيق اعلٰي مان مراد ملائڪ آهن). ايستائين جو سندن وِصال ٿي ويو. (بخاري،كتاب المغازي،باب مرض النبي ووفاته،٣ /١٥٧، حديث:٤٤٤٩ ملتقطا)

جن کا پہلو ہو نبی کی آخری آرام گاہ    جن کے حُجرے میں قِیامت تک نبی ہوں جاگزیں
آستاں اُن کا فِرشتوں کی زِیارت گاہ ہے    کیونکہ اُس میں جَلوَہ فرما ہیں اِمامُ الْمُرْسَلِیْن

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڀڏو اوهان! حضرت سَيدتنا عائشه صديقه،طَيبه، طاهره، عَفِيفه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو رتبو بارگاهِ رسالتِ مآب ۾ ڪيتري قدر اعليٰ ۽ اوچو آهي، جن کي نبي اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نه صرف ظاهري حياتي ۾ خاص قُرب نصيب ٿيو، بلڪ وِصالِ ظاهري جي وَقت به خُصوصي قُرب ۽ رَفاقت ماڻڻ جو مُنفَرِد اِعزاز (Honour) به سندن حِصّي ۾ آيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدَتُنا عائشه صِدِّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا سڄي زِندگي هن اِحسان ۽ شُڪر کي ياد رکيو ۽ تحديثِ نعمت جي لاءِ پنهنجي هن عزّت ۽ عظَمت کي بَيان به فرمايو، جيئن

## ڏهه (10) فضيلتون

پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون کي نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَزواجِ مُطَهرات رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِنَّ اَجْمَعِين تي 10 فضيلتون عطا ڪيون ويون آهن: عَرض ڪيو ويو، يا اُمَّ المُؤمنين! اهي ڏهه (10) فضيلتون ڪهڙيون آهن؟ اِرشاد فرمايائون:

(1)نبي پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي عِلاوه ڪڏهن ڪنهن ڪنواري عَورت سان نِڪاح نه ڪيائون. (2) منهنجي عِلاوه اَزواجِ مُطَهرات رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِنَّ اَجْمَعِين مان ڪا به اهڙي نه آهي جنهن جي ماءُ پيءُ ٻئي مُهاجِر (هجرت ڪرڻ وارا) هجن. (3) الله پاڪ منهنجي پاڪ دامَني جو بَيان آسمان مان (قُرآن ۾) نازِل فرمايو. (4) (نِڪاح کان پهريان) حضرت سَيدُنا جِبرِيل عَلَيهِ السَّلَام هڪ رَيشمي

ڪپڙي ۾ منهنجي صورت کڻي بارگاهه رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عَرض ڪيائين: هن سان نڪاح ڪريو ڇوته اها اوهان جي گهرواريءَ آهي. (5) مان ۽ نبي اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ئي ٿانوءَ مان غُسل ڪندا هئاسين، اهو شَرَف منهنجي علاوه اَزواجِ مُطَهرات رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ مان ڪنهن کي بہ نَصِيب نہ ٿيو. (6) حُضورِ اَقدَس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نمازِ تَهجُّد پڙهندا هئا ۽ مان سندن اڳيان سَتل رهندي هيس، اُمّهاتُ الْمُؤمِنِين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ اجمعين مان ڪا بہ حُضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن ڪرِيمانہ مَحبَّت سان سَرفراز نہ ٿي. (7) رسولِ پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي نُزولِ وَحي جي وَقت نبي پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون وٽ تشريف فرما هوندا هئا، منهنجي عِلاوه پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي گهروارين مان ڪنهن ٻي گهرواريءَ وٽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي وَحي جو نُزول نہ ٿيو.(8)...نبي اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مٿو مبارڪ منهنجي سيني ۽ نڙي جي وچ ۾ هو ۽ انهيءَ حالت ۾ سندن وِصال ٿيو. (9) حُضورِ انور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي واريءَ وارن ڏينهن ۾ وِصال فرمايو. (10) نبي پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قَبرِ اَنوَر منهنجي گهر ۾ بڻائي وئي. (سيرتِ مُصْطَفٰے ،ص۶۶۰-۶۵۹)

دی گواہی آپ کی عِفَّت کی سُورۂ نُور نے   مَدح کرتا ہے تیری عِصمَت کی قُرآنِ مبِیْں

اُن کے بستر میں وحی آئے رَسُوْلُ اللہ پر   اور سلامِ خادِمانہ بھی کریں رُوْحُ الْاَمِیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!   صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قربان وڃون! مؤمنن جي ماءُ ، حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جي شان ۽ عظمت تان! يقيناً اهو شَرَف بہ سندن جي لاءِ ڪنهن انعام کان گهٽ نہ هو تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها کي تمام اَوَّلِين ۽ آخرين ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ ذات يعني تمام نبين جي سردار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

زَوجِيت ۾ قِيامت تائين جي لاءِ ايندڙ مومنن جي ماءُ ٿيڻ جي مُقَدَّس شَرَف سان سَرفراز ٿيڻ جي سعادت ملي، ربّ كريم پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا تي نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ٻين اَزواجِ مُطَهرات کان وڌيڪ اِنعام ۽ اِکرام جون بارشون فرمايون. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي شان ۽ عظمت جو سَمنڊ ايترو گهرو آهي جنهن جي گهرائي ۾ اُترڻ واري کي هميشه ناياب ۽ نادر موتي (Pearls) ئي ملندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي زبانِ حقّ ترجمان سان سندن فضيلتن ۽ مناقب کي وڏي ئي شاندار انداز ۾ بَيان فرمايَو آهي. اچو! سيده عائشه صِدّيقه، طَيبَه، طاهره، عَفِيفه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي شان ۽ عظمت تي مشتمل 4 اَحاديثِ مبارَڪ ٻڌو ۽ جُهومو، جيئن

## شانِ عائشہ بزبانِ حبیبِ کبریا

(1) نبي رَحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اُمُّ المؤمنين حضرت سيدَتُنا عائشه صِدِّيقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي باري ۾ صحابَهٴ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي اِرشاد فرمايائون: توهان پنهنجو ٻه ٽهائي دين هن حُمَيرا (يعني حضرت عائشه صِدِّيقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا) وٽان حاصِل ڪريو. (تفسيركبير،پ٣٠،القدر،تحت الآية:١١،٣/ ٢٣٢)

(2) حُضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سَيده فاطِمَه زَهرا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي فرمايو: اي فاطِمَه! ڇا تون ان سان مَحَبَّت نه ڪندينءَ جنهن سان مان مَحَبَّت ڪيان تو؟ سَيدَه فاطِمَه زهرا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا عَرض ڪيو: ڇو نه. هن تي حُضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عائشه(رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا) سان مَحَبَّت رک.

(مسلم،كتاب فضائل الصحابة،باب في فضل عائشة،ص١٠١٧، حديث:٢٤٤٢ ملتقطاً)

(3) نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پياري شهزادي حضرت سَيدَه فاطِمَه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي مُخاطب ڪري اِرشاد فرمايائون: ربّ ڪعبه جو قسم! توهان جي

والد کي عائشہ (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا) تمام گھڻي محبوب آهي.

(ابوداود،کتاب الادب،باب في الانتصار،۳۵۹/۴،حديث:۴۸۹۸)

(4) رسولِ پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عائشہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا جي فضيلت عورتن تي اهڙي آهي جيئن ثَرِيد جي فضيلت تمام کاڌن تي آهي.

(بخاري، کتاب احاديث الانبياء،بَاب قَوْلِه تَعَالٰی:اِذْ قَالَتِ الْمَلَائِکَةُ ...الخ، ۴۵۴/۲، حديث:۳۴۳۳)

حکيمُ الأُمَّت حضرت مفتي اَحمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: ثَرِيد يعني ماني شورو بوٽيون ملائي غذا ناهبي آهي اها بهترين غذا آهي، سمورين غذائن کان افضل (آهي) ڇوتہ اها جلد هضم ٿيڻ واري)، نهايت ئي مُقَوِّي (يعني طاقت ڏيڻ واري)، نهايت مزيدار جنهن کي چباڻ جي حاجت نہ آهي، گهڻين خوبين واري غذا آهي، ائين ئي حضرت عائشہ (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا) صورت، سِيرت، عِلم، عَمَل، فَصاحت، فَطانت، ذَکاوَت، عَقل، حُضور (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جي مَحبوبِيت وغيره هزارين صِفتن جون جامِع آهن. حق اهو آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا سمورين عورتن ايستائين جو خديجة الکبريٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا کان بہ افضل آهن، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا ڪيئي حديثن جي جامِع، علومِ قرآنيہ جي ماهر بي بي آهن. (مرآة المناجيح،۵۰۱/۸)

مفتي صاحِب هڪ ٻي حديثِ پاڪ تحت لکن ٿا: جناب حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا جون فضيلتون ريت جي ذرّن، آسمان جي تارن (Stars) جيان بيشمار آهن، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا ربّ ڪريم جو تُحفو آهن جيڪو حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي عطا ٿيو. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا جي عِصمَت ۽ عِفّت جي شاهدي خود ربّ ڪريم قرآنِ مجيد ۾ سُوره نُور ۾ ڏني جڏهن تہ جناب ِمريم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا ۽ يوسف عَلَیه السَّلام جي عِصمَت جي شاهدي ٻنڍي ٻار کان ڏياري وئي. اُمّت کي تَيمُّم جي آساني پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا جي صدقي ۾ ملي، حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو

وِصال سندن سيني تي ٿيو. حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آخري آرام گاھ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جو حُجرو آهي، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جو لُعاب حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لُعاب سان گڏ وِصال وَقت گڏ ٿيو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جي بِستَر ۾ وَحي ايندي هئي، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها خود صِدِّيقہ آهن ۽ صِدِّيق جي نياڻي آهن. (مرآة المناجيح،٨ /٥٠٢)

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اشعارن جي صورت ۾ شانِ عائشہ صديقہ بيان ڪندي لکن ٿا:

آپ کے دَولت کدہ میں دَولَتِ دَارَین ہے　　اُس زمیں پر پھر نہ کیوں قُرباں ہو عَرْشِ بَریں

آپ صِدّیقَہ پدَرِ صدّیق اور شوہر نَبی　　میکہ و سُسرال اعلیٰ آپ خود ہیں بہتریں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب”فيضانِ عائشہ صدّيقہ“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! امّ المومنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جي سيرت جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو ڪتاب” فيضانِ عائشہ صدّيقہ“ جومطالعو ڪرڻ نهايت مفيد آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ امّ المومنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جي علمي شان ۽ شوڪت جو بيان آهي، هن ڪتاب ۾ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جا فرمان ۽ ذوقِ عبادت جو بيان آهي. هن ڪتاب ۾ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي سخاوت، ايثار، عشقِ رسول جو بيان آهي، هن ڪتاب ۾ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي انفراديت، امورِ خانہ داري، فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل جو بيان آهي ، هن ڪتاب ۾ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي فصاحت،گريہ و زاري، تواضع و انڪساري ۽ گهڻن ئي مدني گلن کي بيان ڪيو ويو آهي، هن ڪتاب جا مضمون 215 ڪتابن مان ورتا ويا آهن، اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان

هديو ڏئي طلب فرمايو پاڻ بہ هن جو مطالعو ڪريو، ڀين اسلامي ڀائرن ۽ خاص ڪري پنهنجي گهر جي اسلامي ڀينرن کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو. هن ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (download) ۽ پرنٽ آؤٽ (print out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ربّ ڪريم بي شمار اِختيار عطا فرمائي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مالِڪ ۽ مُختار بڻايو آهي. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ چاهين ها تہ بادشاهن واري زِندگي گذاري سگهيا پئي ۽ پنهنجي مبارڪ گهروارين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ اَجْمَعِين کي دنيا جون سموريون راحتون ۽ آسائشون فراهم ڪري سگهيا پئي، پر پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄي زِندگي سادگي، فَقر ۽ تَوَڪل ۽ قَناعت کي اپڻائي رکيو، تہ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ پوءِ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صُحبتِ بابَرَڪت مان فَيضياب ٿيڻ وارن ۽ وارين ۾ هنن خوبين جو فَيضان جاري نہ ٿئي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اَزواجِ مُطَهرات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ خاص ڪري اُمُّ المُؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو شمار بہ اُن شَخصِيات ۾ ٿيندو آهي جن کي ربّ ڪريم پنهنجي مَدَني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صَدقي ۾ تَوَڪل ۽ قَناعت جيَ نعمت کان سَرفراز فرمايو هو. اچو! پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي تَوَڪل ۽ قَناعت جي هڪ بهترين جَهلڪ مُلاحَظَ فرمايو،

## سَيدَتُنا عائشہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو مقامِ توڪل

اُمُّ المُؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا بارگاهِ رسالت ۾ عَرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!، منهنجي لاءِ دعا فرمايو تہ الله پاڪ جنّت ۾ مون کي اوهان جي اَزواجِ مُطَهرات ۾ رکي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: ”جيڪڏهن توهان هن رُتبي جي تمنّا رکو ٿيون تہ توهان کي گهرجي تہ سياٽي جي لاءِ ڪاڏو بچائي نہ رکو ۽ جيستائين ڪنهن ڪپڙي (Cloth) ۾ چتي لڳي سگهي ٿي تيستائين ان کي بيڪار نہ سمجهو. اُمُّ المؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فَقر کي مالداري تي ترجيح ڏيڻ جي هن نصيحت تي ايتريون عمل پيرا رهيون جو (سڄي زندگي) ڪڏهن بہ اڄوڪو ڪاڏو سياٽي جي لاءِ بچائي نہ رکيائون.

(مدارج النبوت،قسم پنجم،باب دوم،ذکر ازواج مطهرات ...الخ،۲/۴۷۲-۴۷۳)

کيوں نہ ہو رُتبہ تمہارا اَہلِ اِیماں میں بڑا سب تو ہیں مومن مگر ہیں آپ اُمُّ الْمُؤمنین

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڀڏو اوهان! اسان جي پياري اَمڙ سائڻ حضرت سَيدَہ عائشہ صِدّيقہ، طَيبَہ، طاهره، عَفِيفہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا اِطاعتِ رسول، فَقر ۽ فاقہ، زُهد و قَناعت ۽ تَوَڪل جي ڪيتري قدر بُلند دَرَجي تي فائز هيون. بيشڪ اهو سڀ صحبتِ مُصطَفٰي ۽ تعليماتِ مُصطَفٰي جون ئي بَرَڪتون هيون جو پاڻ سَرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن عمده نصيحت تي دل ۽ جان سان عمل ڪنديون رهيون ۽ ڪڏهن بہ اڄوڪو ڪاڏو اڳئين ڏينهن جي لاءِ بچائي نہ رکيائون. اڄ اسان بہ مَحبَّتِ رسول جي دعويٰ تہ ڪيون ٿا پر اسان ماڻهن جو الله پاڪ جي ذات تي توڪل ڪمزور ٿيندو پيو وڃي. شايد اهو ئي سبب آهي تہ اڄ اسان جي معاشري ۾ هر پاسي مهانگائي جو طوفان بَرپا آهي، کير ۽ کائڻ پيئڻ جي بين شين ۾ ملاوت عام آهي، رمضان ۽ غير رمضان ۾ شين جون قيمتون وڌائي قرڻ جو بازار گرم ڪري مسلمانن کي نقصان پهچائڻ جو سلسلو جاري آهي، راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جي مُعامَلي ۾ سُستي جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي، ذَخيره اَندوزي پنهنجي عروج تي آهي، وياج، رِشوت، خراب مال ۽ جعلي نوٽن (Fake Currency) جي ڏيتي ليتي زور ۽ شور سان جاري آهي.

الغرض اڄ اسان جو معاشرو بدقسمتيءَ کان تيزيءَ سان گناهن جي دلدل ۾ ڦاسندو پيو وڃي. تنهنڪري عَافيت هن ۾ آهي تہ اسان هر نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ اللہ پاڪ جي ذات تي ڀروسو ڪرڻ جي عادت بڻايون. ياد رکو! اللہ پاڪ جي ذات تي تَوَڪل يعني ڀروسو ڪرڻ کي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فَرضِ عَين قرار ڏنو آهي، اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اللہ پاڪ تي توڪُّل ڪرڻ فرضِ عين آهي. (فضائلِ دعا،ص:٢٨٧)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! توڪُّل ايمان جو روح آهي. توڪُّل اهڙو عمل آهي، جيڪو انسان کي اللہ پاڪ جي قريب ڪندو آهي. توڪل مشڪلات ۽ پريشانين ۾ ٻانهي کي اِستِقامت سان انهن جي مُقابلي جي قُوّت (Power) ڏيندو آهي. مُصيبتن ۾ توڪُّل ئي انسان جون اُميدون بيدار ڪرڻ جو سبب ٿيندو آهي. اچو! هاڻي تَوَڪل جو مفهوم بہ ٻڌي وٺون تا تہ تَوَڪل مان مراد ڇا آهي،

## تَوَڪل جي معنيٰ ۽ مفهوم

تفسير"صِراطُ الْجِنان"جلد3 صَفحي نمبر 520 تي آهي:حضرت سَيدُنا امام فَخْرُ الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: توڪُّل جي هي معني ناهي تہ انسان پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪوشش کي بيڪار ۽ فُضول سمجهي ڇڏي ڏي جيئن تہ بعض جاهل چون ٿا. بلڪ توڪُّل هي آهي تہ انسان ظاهري اسباب کي اختيار ڪري پر دل سان انهن سببن تي ڀروسو نہ ڪري بلڪ اللہ تعاليٰ جي مدد ان جي تائيد ۽ ان جي حمايت تي ڀروسو ڪري. (تفسير ڪبير، اٰل عمران، تحت الآية: ١٥٩، ٣/٤١٠)
هن ڳالهہ جي تائيد هن حديث پاڪ مان بہ ٿئي ٿي:

حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: هڪ شخص عرض ڪيو: يا رَسُولُ اللّٰه! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، مان پنهنجي اُٺ کي ٻڌي توڪُّل ڪيان يا ان کي ڪليو ڇڏي توڪُّل ڪيان؟ ارشاد فرمايائون: توهان ان کي ٻڌي پوءِ توڪُّل ڪريو. (ترمذي، ڪتاب صفة يوم القيامة، ٢٣٢/٤، الحديث: ٢٥٢٥) يعني توڪُّل ان شيء جو نالو آهي تہ ڪنهن بہ ڪم جي ڪرڻ ۾ اسباب سنتِ مُصطفيٰ سمجهي اختيار ڪيا وڃن

ان کان پوءِ نتيجو اللّٰه ربُّ العزت عَزَّوَجَلَّ تي ڇڏڻ گهرجي. اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: توڪُّل ترڪِ اَسباب جو نالو ناهي بلڪ اسباب تي اِعتماد جو ترڪ (اعتماد نہ ڪرڻ) توڪُّل آهي. (فتاويٰ رضويه،۳۷۹/۲۴، ملخصاً) يعني اسباب کي ڇڏي ڏيڻ توڪُّل ناهي بلڪ اَسباب تي اِعتماد نہ ڪرڻ ۽ ربّ تعاليٰ جي ذات تي اعتماد ڪرڻ جو نالو توڪُّل آهي.

ضرورت سے زِیادہ مال و دولت کا نہیں طالب رہے بس آپ کی نظرِ عنایت یارسولَ اللّٰہ!
رہیں سب شاد گھر والے شہا تھوڑی سی روزی پر عطا ہو دولتِ صبر و قناعت یارسولَ اللّٰہ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمّ المُؤمنين سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي سيرت جو هڪ روشن باب هي بہ آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جهڙي طرح فرض روزن جي پابند هيون اهڙي طرح پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا نفلي روزا بہ ڪثرت سان رکنديون هيون، گرمي ڀلي ڪيتري ئي شديد هجي پر پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا گرمي جي پروا ڪرڻ بغير رضاءِ الٰهي جي لاءِ اِنتهائي گرم موسم ۾ بہ نہ صِرف روزو رکنديون هيون بلڪ اِستقامت سان ان کي پورو بہ ڪنديون هيون. اچو! ترغيب طور هڪ واقعو ٻڌو ۽ نفل روزا رکڻ جي نِيت ڪريو،

## گرمي جي شِدّت ۾ بہ روزو

حضرت سيدُنا عبدُالرَّحمٰن بن ابو بَڪر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا عَرَفہ جي ڏينهن حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ، زاهده، عابِده، رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا وٽ آيا تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا روزي سان هيون ۽ (گرمي جي شدّت سبب) پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا تي پاڻي جو ڇڙڪائو ڪيو پئي ويو. حضرت سيدُنا عبدُالرَّحمن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي عَرض ڪيو: اِفطار ڪريو. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمايائون: ڇا مان اِفطار ڪيان؟ جڏهن تہ مون رسولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ "بيشڪ عَرَفَہ جي ڏينهن

جو روزو هڪ سال جي اڳوڻن گُناهن جو ڪفارو آهي.“
(مسند احمد،مسند عائشه رضي الله عنها،۹/۴۴۸ ، حديث: ۲۵۰۲۴)

ناز برداری تمہاری کیوں نہ فرماوے خدا     نازنینِ حق نبی ہیں تم نبی کی نازنین

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! اُمُّ المُؤمنين سَيدَه عائشہ صِدّيقہ، عابِدہ، زاهدہرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا جي نفل روزن جو مَدَني جذبو ۽ سندن اِستقامت مرحبا! شديد گرمين جو موسم آهي، ۽ گرمي جي حرارت جي سبب پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا تي پاڻي جو ڇڙڪائو ڪيو پيو وڃي پر قربان ٿجي! هن جي باوُجود پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا روزي کي پورو ڪيو. اي! ڪاش! نفل روزن جو اهو مَدَني جذبو اسان کي بہ نصيب ٿي وڃي ۽ اسان بہ سردي ۽ گرمي جي پروا ڪرڻ بغير رِضاءِ الٰهي جي لاءِ نفل روزا رکڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

منا منا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جو مهينو جاري ۽ ساري آهي، ان کان پوءِ شوال المڪرم جي آمد آمد آهي. خوش نصيب مسلمان هن مهيني ۾ 6 روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا ۽ ان جون برڪتون ماڻيندا آهن. اچو! اسان بہ ڇهہ 6 عيد(يعني شوال المڪرم) جي روزن جا فضائل ٻڌو تا تہ جيئن اسان کي بہ هي روزا رکڻ جي ۽ ان جي برڪتن سان فيضياب ٿيڻ جي سعادت نصيب ٿئي، جيئن

## 6 عيد جي روزن جا فضائل

1. ارشاد فرمايائون: جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ڇهہ(6) ڏينهن شوال ۾ رکيا پوءِ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي (مجمع الزوائد،ڪتاب الصيام،....الخ،425/3،حديث: 5102)

2. ارشاد فرمايائون: جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهہ(6) شوال ۾ رکيا. پوءِ ائين آهي جڻ دهر(يعني سڄي عمر) جو روزو رکيو. (مسلم،ڪتاب الصيام،

الخ...،ص 592، حديث: 2758)

3. ارشاد فرمايائون: جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) ڇهہ 6 روزا رکيا تہ ان پوري سال جا روزا رکيا تہ جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهہ(10) ملنديون.
(ابن ماجه، كتاب الصيام...الخ، 333/2،حديث: 1715)

حضرت علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ مضائقو ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ جدا جدا رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻہ(2) روزا ۽ عيد الفطر جي ٻي ڏهاڙي هڪ روزو رکي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ وڌيڪ مناسب معلوم ٿئي ٿو. (سني بهشتي زيور، ص 347) مطلب تہ عيد الفطر جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو ڇهہ 6 عيد جا روزا رکي سگهو ٿا. تنهنڪري سيئي اسلامي ڀائر هي نيت ڪيو تہ جيڪڏهن زندگي سلامت رهي تہ 6 عيد جا روزا رکي هنن جون برڪتون حاصل ڪنداسين اِنۡ شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، ٻين کي بہ هي روزا رکڻ جي ڀرپور ترغيب ڏياريندا‌سين. اِنۡ‌شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ نفلي روزن جو جذبو وڌائڻ ۽ هن تي اِستقامت چاهيون ٿا تہ اسان کي گهرجي تہ اسان عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هردم وابستہ ٿي پنهنجي مصروفيتن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ وَقت (Time) ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن جي لاءِ بہ ڪيون. اِنۡ شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هنن مَدَني ڪمن ۾ شُمُولِيت جي بَرَڪت سان اسان نفلي عبادتون ادا ڪرڻ جا عادي بڻجي وينداسين، فرائض ۽ واجبات ۽ سُنَن و مُستَحَبَّات تي عمل جو جذبو ملندو، نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري سُنّت تي عمل جو موقعو ملندو، عاشقانِ رسول جي صحبت مُيسَّر ٿيندي، نيڪ

عملن تي اِستقامت نصيب ٿيندي.

ياد رهي! 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مَدرَسة المدينہ بالغان" ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ بہ آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان دُرُست قرآنِ ڪريم پڙهڻ نصيب ٿيندو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان نماز، وُضو ۽ غُسْل وغيره ضروري اسلامي اَحڪام سکڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي، ❖ مَدْرَسة المدينہ بالِغان ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان چڱي صُحبت مُيسّر ٿيندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي سعادت ملندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان عِلمِ دِين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مَدَني اِنعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان چڱا اَخلاق اپنائڻ جو موقعو ملندو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو آهي. اچو! مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ پڙهڻ جي بَرَڪت تي مُشتَمِل هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## بدنگاهي جي عادت کان نجات ملي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان فلمون ڊِراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ جو عادِي هو، نمازن جي پابندي جو بہ ذِهن نہ هو. ڪنهن اسلامي ڀاءُ اِنفِرادي ڪوشِش ڪندي ان کي مَدرَسة المدينہ (بالِغان) ۾ شِرڪت جي دعوت ڏني، اُن مَدرَسة المدينہ (بالِغان) ۾ پڙهڻ شُروع ڪيو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرَسة المدينہ (بالِغان) جي بَرَڪت سان هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع ۾ شِرڪت جو معمول بڻجي ويو ۽ هو اَميرِاَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مُرِيد ٿي نمازي ۽ مسجد ۾ دَرس ڏيڻ وارو بڻجي ويو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ فلمون ڊراما، گانا باجا، بدنگاهي وغيره گناهن کي ڇڏي ڏنائين ۽ پنهنجي گهر وارن تي بہ اِنفِرادي ڪوشِش ڪندي اُنهن کي بہ نمازي بڻائڻ جي ڪوششن ۾ مصروف آهن.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
بُری صُحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آ کے پا مَدَنی ماحول
سَنور جائے گی آخِرت اِنْ شَآءَ اللّٰہ تم اپنائے رکھو سَدا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا جي سخاوت ۽ ايثار جو انداز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمّ المؤمنين سَيدَہ عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا سخاوت ۽ ايثار جي مَدَني جذبي سان بہ سَرشار هيون، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا جي سخاوت ۽ اِيثار جو هي عالَم هوندو هو جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا پنهنجي ضرورت جون شيون بہ راهہ خدا ۾ خَيرات ڪنديون هيون ۽ پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ بچائي نہ رکنديون هيون. اچو! پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا جي سخاوت ۽ ايثار تي مُشتَمِل 2 اِيمان افروز واقعا ٻڌو ۽ راهہ خدا ۾ خَرچ ڪرڻ جو جذبو پنهنجي اندر بيدار ڪريو،

## هڪ لک درهم خَيرات ڪري ڇڏيا!

حضرت سَيدَتُنا اُمِّ دُرّہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا فرمائن ٿيون، مان حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقَہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا وٽ هيس، ان وَقت هڪ لک دِرهم ڪٿان کان سندن خدمت ۾ آيا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا انهيءَ وَقت اُهي سڀ درهم ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ هڪ درهم بہ گهر ۾ باقي نہ ڇڏيو. اُن ڏينهن مان ۽ هوءَ روزيدار هيون سين، مون عَرض ڪيو، اوهان سيئي درهم ورهائي ڇڏيا ۽ هڪ درهم بہ باقي نہ رکيو تہ جيئن توهان گوشت خريدي روزو اِفطار ڪيو ها؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا جن اِرشاد فرمايو: توهان جيڪڏهن مون کي پهريان چئو ها تہ مان هڪ درهم جو گوشت گهرائي وٺان ها. (شرح زرقاني علي المواهب، حضرت عائشة ام المؤمنين، ٣٨٩/۴- ٣٩٢)

بھوکے رہ کے خود اَوروں کو کھلا دیتے تھے

کیسے صابِر تھے مُحَمَّد کے گھرانے والے!

## ماني جي بدلي گوشت

هڪ ڏينهن اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرت سيدَه عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا کان هڪ مِسڪين (Poor) سُوال ڪيو، ان وقت پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا روزي سان هيون ۽ گھر ۾ سواءِ هڪ مانيءَ جي ٻيو ڪجھ نہ هو. پاڻ پنهنجي خادمہ کي فرمايائون: هن کي اها ماني ڏئي ڇڏيو، خادمہ عرض ڪيو: توهان جي افطاري جي لاءِ ان کان علاوه ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي، سَيِّده عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جن فرمايو: هن کي اها ماني ڏئي ڇڏيو، خادمہ ان کي اها ماني ڏئي ڇڏي، جڏهن شام ٿي (حُضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي) اهلِ بيت يا ان شخص هديو موڪليو جيڪو اسان کي بڪري (جو گوشت) هديو ڪندو هو، ان ڍڪي آندو، حضرتِ سَيِّدَتُنا عائشه صِدّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا پاڻ خادمہ کي فرمايو: **كُلِيْ مِنْ هٰذَا خَيرٌ مِّنْ قُرْصِك** يعني ان مان کائو، هي تنهنجي اُن مانيءَ کان بهتر آهي.

(شعب الايمان، باب في الزكاة،فصل فيما جاءفي الايثار، ۳/۲۶۰،حديث :۳۴۸۲)

میں سب دَولت رہِ حق میں لُٹا دوں شہا ایسا مجھے جذبہ عطا ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس مزاراتِ اولياء

سُبْحٰنَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! ڀلو اوهان! اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ، طَيِبہ، طاهره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا ڪيتري قدر سخاوت ۽ اِيثار جو عظيم نمونو هيون- اي ڪاش! سخاوت ۽ اِيثار جو اهو مَدَني جذبو اسان کي بہ نصيب ٿي وڃي ۽ اسان بہ راهِ خدا ۾ خوب خوب خَرچ ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول اسان کي سخاوت ۽ اِيثار جي مَدَني سوچ فراهم

ڪري ٿو- اچو! هن نعمتِ عُظميٰ کي ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ پنهنجي صدقاتِ واجِبہ ۽ نافِلہ جي ذريعي دعوتِ اسلامي جي تحت قائم مدارِس ۽ جامعات جي تَرَقّي ۾ خوب خوب تعاوُن فرمايون، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي تقريبًا 104 شعبن ۾ دين متين جي خدمت ۾ مصروف عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو "مجلس مزاراتِ اولياء" بہ آهي، هن مجلس جا ذميدار ٻين مدني ڪمن سان گڏوگڏ بزرگانِ دين جي مزاراتِ مبارڪ تي حاضر ٿي مختلف ديني خدمتون سر انجام ڏيندا آهن. مثال طور حتي المقدور صاحبِ مزار جي عرس جي موقعي تي اجتماعِ ذڪرونعت جو انعقاد ڪندا آهن، مزارات سان متصل مسجدن ۾ عاشقانِ رسول جي مدني قافلن جو سفر ڪرائڻ ۽ بالخصوص عُرس جي ڏينهن ۾ مزار شريف جي احاطي ۾ سنتن ڀريو مدني حلقو لڳائيندا آهن، جن ۾ وضوء، غسل، تيمم، نماز ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو، مزارات تي حاضري جا آداب ۽ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتون سيکاريون ويندون آهن زيارت ڪرڻ وارن کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل جي ترغيب بہ ڏياري ويندي آهي، عرس جي ڏينهن ۾ صاحبِ مزار جي خدمت ۾ ڪيترائي ايصالِ ثواب جا تحفا پيش ڪرڻ پڻ صاحبِ مزار بزرگ جي سجاده نشين، خلفا ۽ مزارات جي متولي صاحبان سان وقت بوقت ملاقات ڪري انهن کي دعوتِ اسلامي جي خدمات، جامعات المدينہ ۽ مدارسُ المدينہ ۽ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ٿيڻ واري مدني ڪمن کان آگاهہ ڪندي آهي. الله پاڪ "مجلس مزاراتِ اَولِيا" جي ڪاوِشن کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں — اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حبيبہ محبوبِ خدا، سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو

شمار الله پاڪ جي اُنهن مُقَرَّب ترين وَلِيّات ۾ ٿيندو آهي جن جي سڄي زندگي عبادت ۽ رِياضت ۾ گذري. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جهڙي نموني رسولِ اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نمازِ پنجگانہ جي عِلاوه نمازِ اِشراق، نمازِ چاشت، تَحِية الوُضُوء، تَحِية المَسجد، صَلٰوة الاَوَّابِين وغيره نفل ادا ڪندا هئا، راتين جو بيدار ٿي نمازون ادا ڪندا هئا، سڄي ڄمار تَهجُّد نماز جا پابند رهيا، اهڙي طرح پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا بہ گھر جو ڪم ڪار ۽ سَروَرِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت گذاري سان گڏوگڏ پابندي سان نمازِ تَهجُّد ۽ نمازِ چاشت جي ادائيگي جو بہ اِهتمام ڪنديون هيون، جيئن

## نمازِتَهجُّد جي پابندي

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”سيرت مصطفٰي“ صفحي نمبر 666 تي آهي تہ عبادت ۾ بہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو رُتبو نهايت ئي بُلند آهي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي ڀائيٽي حضرت سَيدُنا اِمام قاسِم بن مُحَمَّد بن ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهم جو بَيان آهي تہ حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روزانو بِلاناغہ نمازِ تَهجُّد پڙهڻ جون پابند هيون ۽ اڪثر روزي سان رهنديون هيون. (سيرتِ مُصطفٰے، ص٦٦٠)

## نمازِ چاشت سان مَحَبّت

پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا نمازِ چاشت جون اٺ (8) رَڪعتون پڙهنديون هيون، پوءِ فرمائينديون هيون: ”جيڪڏهن منهنجا ماءُ پيءُ اُٿارايا بہ وڃن تڏهن بہ مان اهي رڪعتون نہ ڇڏيان. (مؤطّا امام مالڪ،كتاب قصر الصلاة في السفر ،باب صلاة الضُّحي،ص١٥٣،حديث:٣٦٦)

حڪيمُ الاُمَّت حضرت مفتي اَحمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه بَيان ڪيل بي حديثِ پاڪ تحت فرمائن ٿا: يعني جيڪڏهن اِشراق جي وَقت مون کي خَبر ملي تہ منهنجا والِدَين زِنده ٿي موٽي آيا آهن تہ مان اُنهن جي مُلاقات جي لاءِ

اهي نَفل نہ ڇڏيان بلڪ پهريان اهي نَفل پڙهان، پوءِ انهن جي قدَم بوسي ڪيان. (مرآة المناجيح، ۲/۲۹۹)

ميں پڑھتا رہوں سُنّتيں، وَقت ہی پر ہوں سارے نوافل ادا ياالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبۡحٰنَ اللّٰـہ عَزَّوَجَلَّ! اُمُّ المؤ منين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو نَفْل عبادات جي ادائيگي جو جذبو مرحبا! تورو غور ڪريو! جن جو شان قرآنِ ڪريم ۾ بَيان ٿيو، جن جي ساراهہ حديث سڳورين ۾ بَيان ٿي، جيڪا پنهنجي وَقت جي عالِمہ، مُفتِيہ، فَقِيهَہ، مُحَدّثہ ۽ مُفَسّرَه ٿيون وجن، بُزرگانِ دِين رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهم اجمعين جن جو شان ۽ عظمت بيان ڪن، فرض تہ فرض، تَهجُّد ۽ چاشت جا نفل ڇڏڻ بہ اُنهن کي پسند نہ هو. پر اڄ اسان جي حالت اها آهي جو نَفل نماز تہ رهي پري جي ڳالهہ! اسان ڪان تہ فَرض نمازون بہ ادا نٿيون ٿين، اسان تہ جُمعي جي نماز جي لاءِ بہ ان وَقت گهران نڪرندا آهيون جڏهن جماعت بيهڻ ۾ رڳو ڪجهہ منٽ باقي رهجي ويندا آهن، پوءِ جيئن ئي اِمام سلام ورائيندو آهي يا پهرين دعا گهري فارغ ٿيندو آهي، اڌ ڪان وڌيڪ مسجد نمازين ڪان خالي ٿي ويندي آهي جمعي ڪان پوءِ جون سنتون ۽ نوافل بہ پڙهڻ گهرجن. هاءِ! اسان کي ڇا ٿي ويو آهي؟، ڇو اسان عبادتن ڪان پري ڀڄڻ لڳا آهيون، ڇو اسان ربّ ڪريم ۽ رسولِ پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَحڪامن جي بجا آوري ۾ سُستي جو شڪار آهيون؟ ڇو اسان مان نَفل عبادتن جو جذبو ختم ٿيندو پيو وڃي؟ ڇو اسان روزن جي معامَلي ۾ حيلن بهانن سان ڪم وٺندا آهيون؟، آخر ڇو اسان جون مسجدون ويران نظر اچي رهيون آهن؟، ڇا اسان اللّٰه پاڪ جي خُفيہ تدبير ڪان اَمان ماڻي چڪا آهيون؟، ڇا اسان کي بخشش جو پروانو ملي چڪو آهي؟ ڇا اسان جو اَعمال نامو نيڪين (Virtues) سان ڀرپُور آهي؟، ڇا اسان کي نيڪين

جي حاجت ناهي رهي؟، ڇا اسان کي هن ڳالھ جو مُکمَّل يقين ٿي چڪو ته اسان دنيا مان اِيمان سلامت کڻي ويندا سين؟، ڇا اسان نَزع جي سختين کي برداشت ڪري سگھنداسين؟، ڇا شريعت جي نافرماني ڪري اسان اونداهي قَبر ۾ آرام ڪري سگھنداسين؟ ڇا اسان قَبر ۽ مَحشَر جي سُوالن ۾ ڪاميابي ماڻي سگھنداسين.؟

يقيناً اسان مان ڪنهن کي به اهو معلوم نه آهي، لھٰذا هن مختصر زندگي کي غنيمت سمجهندي ان جي قَدر ڪرڻ گهرجي، خوش فهمي جي ڄار مان نڪرو ۽ پنهنجو پاڻ کي فرض ۽ واجبات جي پابندي سان گڏوگڏ نَفل عبادتن جي ادائيگي جو به عادي بڻائڻ گھرجي. پنهنجو پاڻ کي فرائض ۽ واجبات ۽ نفل جو عادي بڻائڻ جي لاءِ شَيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسُنّت حضرت علّامه مَولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِرِي رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل ”72 مَدَني اِنعامات“ تي عمل ڪندي روزانو فِڪرِ مدينه ڪرڻ اِنتهائي فائديمند عمل آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هن جي مطابِق عمل ڪرڻ جي بَرَڪت سان اسان نه صِرف فرض ۽ واجب بلڪ ڪيئي سُننتن ۽ مُسْتَحَبّن تي آساني سان عمل ڪري سگھون ٿا. اچو! ترغيب طور ڪجھ مَدَني اِنعامات جي باري ۾ ٻڌي عمل جي نِيت ڪريون ٿا،

مَدَني اِنعام نمبر 2 ۾ آهي: ڇا اڄ توهان پنج ئي نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبير اُوليٰ سان باجماعت ادا ڪيون؟ ۽ هر ڀيري ڪنهن هڪ کي پاڻ سان گڏ مسجد وٺي وڃڻ جي ڪوشش فرمائي؟

مَدَني اِنعام نمبر 16 ۾ آهي: ڇا اڄ توهان گھٽ ۾ گھٽ هڪ ڀيرو (بهتر هي آهي ته سمهڻ کان اڳ) صلوٰة التوبه پڙهي ڪري سڄي ڏينهن جي بلڪ پوئين تمام گناهن کان توبه ڪري ورتي؟ ۽ خدانخواسته گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوراً توبه ڪري آئنده اهي گناه نه ڪرڻ جو عهد ڪيو؟

مَدَني اِنعام نمبر 18 ۾ آهي: ڇا اڄ توهان فجر، ظهر، عصر ۽ عشاء جي سنتِ

قبليہ (يعني جماعت کان پهريان جون سنّتون) ۽ فرضن کان بعد وارا نفل ادا فرمايا؟ (نفل درس ۽ بيان کان بعد بہ پڙهي سگهجن ٿا)

مَدَني اِنعام نمبر 19 ۾ آهي: ڇا اڄ توهان نماز تَهَجُّد، اشراق، چاشت ۽ اوابين جي نمازادا فرمائي؟

مَدَني اِنعام نمبر 20 ۾ آهي: ڇا اڄ توهان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هڪ ڀيرو تَحيةُ الوضو ۽ تَحيةُ المسجد ادا فرمائي؟

تہ اچو! اسان سڀئي گڏجي نِيت ڪريون ٿا تہ اڄ کان روزانو فِڪرِ مدينہ ڪندي مَدَني اِنعامات جو رِسالو ڀريندا سين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، هر مَدَني مهيني جي پهرين تاريخ (First Date) تي پنهنجي ذِمّيدار کي جمع ڪرائيندا سين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، پنج ئي نمازون مسجد جي پهرين صَف ۾ تڪبيرِ اُوليٰ سان ادا ڪندا سين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، مسجد ڀريو تحريڪ جاري رکندا سين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، صَلٰوة التَّوبَہ ۽ سُنَّتِ قَبلِيہ بہ پڙهندا رهندا سين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، نمازِ تَهجُّد، اِشراق ۽ چاشت، اَوّابِين ۽ ٻيا نفل بہ ادا ڪندا رهندا سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

میں بن جاؤں سَراپا "مَدَنی اِنعامات" کی تصویر — بنوں گا نیک یااللہ اگر رَحمت تِری ہوگی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي سُنّتن ڀري بَيان ۾ اسان ٻڌو تہ

❖ سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي رسولِ خدا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خُصوصي قُربَت ۽ رَفاقت حاصل رهي. ❖ سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي ٻين اَزْوَاجِ مُطَهرات تي 10 فضيلتون حاصِل آهن. ❖ سَيده عَائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو شان ۽ عظمت قرآنِ ڪريم ۽ اَحاديثِ رسولِ ڪريم ۾ بَيانَ ٿيو آهي. ❖

سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا جون فضيلتون ريت جي ذرّن ۽ آسمان جي تارن جيان بي شُمار آهن. ❖ سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا پنهنجي زماني جي عالِمہ، مُفتيہ، فَقِيهہ، مُحَدّثہ ۽ مُفَسّرَہ هيون. ❖ سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا رسولِ اَكرم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيَ حبيبہ آهن. ❖ سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا اِطاعتِ رسول، فَقر ۽ فاقي ۽ تَوَكل جهڙين خوبين سان آراستہ هيون. ❖ سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا سخت ترين گرمين ۾ بہ روزا ركنديون هيون. ❖ سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا اِيثار ۽ سخاوت جي لازوال دَولت سان مالا مال هيون. ❖ سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا نَفل عبادت جون بہ گهڻيون پابند هيون. اللّٰہ كريم سَيده عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا جي طُفيل اسان كي بہ عبادت جو ذَوق ۽ شَوق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مِنامِنا اسلامي ڀائرو! بيان كي ختم كندي سنّت جي فضيلت ۽ كجهہ سنّتون ۽ آداب بيان كرڻ جي سعادت حاصل كيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت كئي ان مون سان محبت كئيۦ جنهن مون سان محبت كئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سُنّتيں عام كريں دِين كا ہم كام كريں نيك ہو جائيں مسلمان مدينے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

## جنازي جون سُنّتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شَيخِ طريقت،اَميرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "مڙدي جا صدما" مان جنازي جون سُنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان 2 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحَظَہ ڪريو: (1) جڏهن ڪو جنّتي شخص فوت ٿي ويندو آهي ته الله پاڪ حياء ڪندو آهي ته انهن ماڻهن کي عذاب ڏئي جيڪي ان جو جنازو کڻي هليا ۽ جيڪي ان جي پٺيان هليا ۽ جن ان جي جنازي نماز ادا ڪئي. (فِردَوس الْاخبار،۲۸۲/۱،حديث ۱۱۰۸) (2) مؤمن ٻانهي کي مرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين جزا اها ڏني ويندي جو ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي. (مُسندُ البزار، ۱۱/ ۸۶، حديث: ۴۷۹۶) ❖ جنازي نماز ۾ رضاءِ الٰهي فرض جي ادائيگي، ميت ۽ ان جي عزيزن جي دلجوئي وغيره سنين سنين نيتن سان شرڪت ڪرڻ گهرجي. ❖ جنازي سان گڏ ويندي پنهنجي انجام جي باري ۾ سوچيندا رهو ته جيئن اڄ ان کي وٺي هليا آهن، اهڙي طرح هڪ ڏينهن مون کي به نيو ويندو، جهڙي طرح ان کي مٽي جي مٽن هيٺ دفن ڪيو وڃڻ وارو آهي، اهڙي طرح مون کي به دفنايو ويندو، اهڙي طرح غورو فڪر ڪرڻ عبادت ۽ ثواب جو ڪم آهي. ❖ جنازي کي ڪلهو ڏيڻ ثواب جو ڪم آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو جنازي کي چاليهه قدم کڻي هلي، ان جا چاليهه ڪبيره گناهه معاف ڪيا ويندا ۽ هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو جنازي جي چئني پاون کي ڪلهو ڏيندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مستقل بخشش فرمائي ڇڏيندو. (جوهره، ص۱۳۹، دُرِّمُختار،۱۵۸/۳،۱۵۹،بهارِ شريعت،۸۲۳/۱) ❖ سنّت هي آهي ته هڪ ٻئي پٺيان چئني پاون کي ڪلهو ڏئي ۽ هر ڀيري ڏهه ڏهه قدم هلي. پوري سنّت هي آهي ته پهريان ساڄي پاسي جي سيراندي کي ڪلهو ڏي پوءِ ساڄي پيراندي کي، بعد ۾ کاٻي سيراندي کي ۽ پوءِ کاٻي پيراندي کي ۽ ڏهه ڏهه قدم هلي ته ڪل چاليهه قدم ٿيا.

(عالمگيري،۱/۱۶۲،بهارِشريعت،۱/۸۲۲) ❖ جنازي کي ڪلهو ڏيڻ وقت جاٽي واٽي ايذاء ڏيڻ واري انداز ۾ ماڻهن کي ڌڪا ڏيڻ جيئن کي ماڻهو ڪنهن شخصيت جي جنازي ۾ ڪندا آهن اهو ناجائز ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. ❖ مڙس پنهنجي گهرواريءَ جي جنازي کي ڪلهو بہ ڏئي سگهي ٿو، قبر ۾ بہ لاهي سگهي ٿو ۽ منهن بہ ڏسي سگهي ٿو، صرف غسل ڏيڻ ۽ بنا رُڪاوٽ جي جسم ڇهڻ جي منع آهي. (بهارِشريعت،۱/۸۱۲،۸۱۳) ❖ جنازي سان گڏ بلند آواز سان ڪلمو شريف يا ڪلمو شهادت يا حمد ۽ نعت وغيره پڙهڻ جائز آهي. (فتاويٰ رضويه،۹/۱۳۹تا۱۵۸)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتيں۽آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي..

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناہ معاف ڪيا ويندا.(2)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الثانيۃ والخمسون، ص149

[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہما کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ…الخ،254/10،حدیث:17305